SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2002

سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH COTTON CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 13A جي شموليت
Addition of section 13A of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

3. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 14 جي ترميم
Addition of section 14 of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

4. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 15 جي ترميم
Addition of section 15 of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

5. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 17 جي ترميم
Addition of section 17 of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2002
سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH COTTON CONTROL (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[26 مارچ 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ ۾ ڇاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو ان جي دفعه 13 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:

"13_A. ڪا به ڪپهه ڪنهن به هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه تائين اهڑيءَ ريت منتقل نه ڪئي ويندي، جنهن سان ان جو توسيع بنديءَ جو عمل رکجي وڃي."

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 13A جي شموليت

Addition of section 13A of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

3. ڇاڻايل آرڊيننس جي دفعه 14 جي ذيلي دفعه (2) ۾، لفظن "پنجاهه رپيا" لاءِ لفظ "ڏهه هزار رپيا" ۽ لفظن "پنج سئو رپيا" لاءِ لفظ "پنجويهه هزار رپيا" متبادل ٿيندا.

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 14 جي ترميم

Addition of section 14 of West Pakistan OrdinanceXX of 1966

4. ڇاڻايل ايڪٽ جي دفعه 15 ۾:

(i) ذيلي دفعه (5) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(5) ڪاٽنگ جننگ فيڪٽري جو مالڪ پوءِ ان هن آرڊيننس جي شروع ٿيڻ کان اڳ يا ان کانپوءِ تعمير ڪئي هجي، اهو فيڪٽري ۾ هيٺيون شيون مهيا ڪندو:

(a) ڊي لنٽنگ مشين جو اهڑو انگ جيڪو بيان ڪيل

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 15 جي ترميم

Addition of section 15 of

اٹارٽي حڪم ذريعي هدايت ڪري:	West Pakistan OrdinanceXX of 1966
(b) وي برج، آٽوميٽڪ پريس ۽ موائسچر ڊٽيڪٽرس؛	
(c) پري ڪلينرس ۽ لنٽ ڪلينرس؛	
(d) هر سال فصل جي مند جي شروعات تي نيون جننگ ساز؛	
(e) اهڙو اسٽاف جيڪو ڪم ۾ تربيت يافته هجي ۽ اهڙيءَ ريت جيئن ڄاڻايل اٹارٽي طرفان بيان ڪيو ويو هجي؛	
(ii) ذيلي دفعہ (6) ۾ فل اسٽاپ کان اڳ لفظن "۽ اهڑو مالڪ بازار ۾ ڪپهہ جي ذخيري لاءِ اهڑو ڊڪيل محفوظ پليٽ فارم پڻ مهيا ڪندو" کي شامل ڪيو ويندو؛	
(iii) ذيلي دفعہ (7) ۾ لفظن "ٽي مهينا" لاءِ لفظ "ڇهہ مهينا" ۽ لفظن "پنج هزار رپيا" لاءِ لفظ "ڏهہ هزار رپيا" متبادل ٿيندا.	1966 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعہ 17 جي ترميم
5. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 17 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (b) ۾ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:	Addition of section 17 of West Pakistan OrdinanceXX of 1966
"(c) جيڪو ڪپهہ ڪٽڻ يا ذخيرو ڪرڻ لاءِ پولي پروپلين بيگس استعمال ڪري ٿو يا اجازت ڏئي ٿو يا سنپالي ٿو يا ست جي ڏاڪي کانسواءِ جڙيل ڪنهن ڪپڙي ۾ ڪپهہ ڪٽڻ جي سهولت ڏئي ٿو يا ست کانسواءِ ڪنهن ٻئي ڏاڪي جو نهيل ويڑهو استعمال ڪري ٿو."	
نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي	